زينب ابڙو

# اسلوب

*Abstract*

## STYLE

*'Style is the man,, as goes the saying', but when peep into pages, we are wonder struck to find its enormity and vastness.*

*The research paper contains multifarious varieties of the term style: viz: its meaning, its usage, its users... definitions, explanations, assumptions, implementations, conversions from simplicity to complexity, from easy to bombastic and verbosity.*

*Further, we find opinions of good writers of the past and present, based on fresh research findings.*

*Being the labourer of love, it is hoped that, it will gain ground in the vast field of Research work in Literature and languages.*

*In conclusion, finding have been formed which include opinions of National and International writers. I hope it will be of use to the emerging research students.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**اسلوب** جو مطلب اهو ئي آهي، جيڪو انگريزيءَ ۾ اسٽائيل Style يا يونانيءَ ۾ Stylos اسٽائيلاز ۽ لاطيني ٻوليءَ ۾ Stylus اسٽائيلس آهي. ان کي هنديءَ ۾ سيلي چوندا آهن.(1) جنهن جو تفصيل اردو هندي ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي:

اسلوب (ع. مذ) (2)

USI, UB: Order Arrangement, way, mode, means, measure, manner, method, form, figure.(3)

USI, UB: Course,way, manner, style, method, length.(4)

اسلوب: (اس-لوب) (ع.ا.مذڪر) طريقه، طرز، روش.(5) اسلوب: (ع) مذڪر، راهه، طور، طرز، روش طريقه، صورت.(6) "ڪشاف تنقيدي اصطلاحات" مطابق: "اسلوب مان مراد ڪنهن اديب يا شاعر جو اهو طريقو، جنهن ۾ مطلب جي ادائگي يا

خيالن ۽ جذبن جي اظهار ۽ بيان جو اهو ڍنگ، جو هن خاص صنف جي ادبي روايت ۾ مصنف جي پنهنجي انفراديت (انفرادي خاصيتن) جي شامل ٿيڻ سان وجود ۾ اچي ٿو. جيئن ته مصنف جي انفرادي اظهار جي جوڙجڪ ۾ سندس چاڻ، ڪردار، تجربي، مشاهدي، زندگيءَ جي فلسفي ۽ فڪري طريقي ۽ احساس جهڙا عمل ملي جُلي حصو وٺن ٿا، انڪري اسلوب کي مصنف جي شخصيت جو پرتوو سمجهيو وڃي ٿو.“(7)

”جامع سنڌي لغات“ مطابق: اسلوب (ج)، اسلوب: ذ (ع) ڪم ڪرڻ يا هلڻ جو نمونو ڍنگ، طرز، طريقو، رستو، تربيت، سلسلو.

اسلوب دار: صنف سهڻي ترتيب وارو، زيبائتو(8) ”نور الغات“ مطابق: اسلوب مذڪر، راهه، صورت، طور، طرز روش، طريقو، اسلوب ٻڌڻ، لازم صورت پيدا ٿيڻ، راهه نڪرڻ.(9) حقيقت ۾ لفظ اسلوب عربي لفظ اسلوب (ا+س+ا+ل+ي+ب) مذڪر آهي. اردوءَ ۾ ڪجھ ماڻهو اُسلوب جي بجاءِ اَسلوب يعني الف تي پيش جي بجاءِ زبر جو آواز ڪدن ٿا.(10) عام طور تي نقاد، تنقيدي راءِ جو اظهار ڪندي لکندا آهن، ته مصنف جو اسلوب وڻندڙ آهي. اسلوب سادو سودو ۽ اثرائتو آهي. اسلوب يا بيان جو انداز بلڪل فطري آهي. مصنف جو انداز بيان شگفته ۽ وڻندڙ آهي وغيره. ديوان ڏيارام جي ڪتابڙي ماءُ ۽ ڌيءَ بابت پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو اهڪ اهڙو رايو ڪجھ هن ريت آهي، جيڪو هن ڪتاب جي ٻوليءَ ۽ اسلوب بابت ڏنو آهي. ملڪاڻي صاحب لکي ٿو :هن ننڍڙي ڪتاب جي عبارت نهايت سليس ۽ مٺي، پهاڪن ۽ محاورن سان پرپور آهي. ”ماءُ ۽ ڌيءَ“ سان ديوان صاحب جي سهج، پر رنگين لکڻيءَ جو نمونو ملي سگهي ٿو.

”پهريون سبق ڏيئڙي جيڪو مونکي مليو، سو آهي مٺي نهارڻ جو، اجا سج ڪين اڀريو آهي، اجا اونداهه آهي، پر مٺي نهار ته ڪيترا نه تارا پيا چلڪن. جي مٺي نهارينديءَ ته اهي تارا توکي گهڻيون ڳالهيون ٻڌائيندا. هو وڏو سيني ڪان وڏيڪ چلڪندڙ تارو ڏس ته ڇا ٿو چوي. ائين پيو نهاري، جو ڄڻ ته ڪا ڳالهه دل ۾ اٿس، منهن ڏسيس ته کهڙو نه مٺو اٿس، نيڻ ڏسيس ته کهڙا نه مٺا اٿس، تون آڳڙو پرينديءَ آهين، ۽ ستارون مونکان وٺي جڙينديءَ آهين، تڏهن اڳڙو پيو چلڪندو آهي، پر هي مٺي ته ڏس ته کهڙو نه اڳڙو پريل آهي، هاڻي اڄ جڏهن تون اڳڙو ويهي پرين ۽ ستارون ويهي جڙين، تڏهن هيءَ اڳڙو نه وسارج، ۽ سپاڻي سوير اٿج.“(11)

اسلوب توڙي انداز بيان، انهن جو مفهوم ساڳيو ئي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان وٽ شروع کان ئي هڪ معنيٰ ۾ رائج آهن، اهي مڙئي لفظ انگريزيءَ جي اصطلاح اسٽائيل (Style) جي معنيٰ ۾ ورتل آهن.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اسلوب ڇا آهي؟

لکڻ جي ڪنهن خاص انداز کي اسلوب چئجي، يا مصنف جي مضمون ۾ لکت جي ڪنهن خاص خوبيءَ کي اسلوب چئجي؟

اسلوب لکت ۾ شخصي اظهار آهي، جو لکندڙ جي تخليق ۾ ترتيب وٺي ٿو ۽ ان جي جوڙجڪ ٻوليءَ جي مخصوص استعمال جي طريقي وسيلي ٿئي ٿي. اسلوب نه ڪنهن نقش و نگار کي چئجي ٿو، نه اهي ڪي قائدا آهن ۽ نه مشق ۽ نه ئي اهو ڪو مسئلو يا مونجهارو آهي. اهو فقط اديب جو پنهنجو فهم ۽ شعور آهي، هو ڪجهه ٻڌائڻ گهري ٿو ۽ انکي انتهائي موزون لفظن ۾ چوڻ گهري ٿو. اهو ئي سبب آهي ته اسلوب ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. اسلوب، لکت جي ان خاصيت کي چئجي ٿو، جنهن جو واسطو اظهار سان آهي. فقط ڪن حقيقتن جي پيش ڪرڻ کي ابلاغ (Communication) چئجي ٿو، مگر اظهار جي دامن ۾ گهڻي وسعت آهي، جنهن ۾ حقيقت جي شخصي يا انفرادي تاثر کي به پيش ڪبو آهي، انڪري پنهنجن خيالن، لطيف جذبن، نازڪ احساسن کي لفظ ۽ زبان ۾ قيد ڪرڻ جي طريقي کي اسان وٽ اسلوب جي لفظ سان تعبير ڪيو ويو آهي.(12) انگريزيءَ ۾ Style لاءِ واضح ڪيو ويو آهي ته ان جو واسطو نثر ۽ نظم ٻنهي سان آهي. البت فرق رکڻ لاءِ شاعراڻو طرز بيان Poetic Style ۽ نثري طرز بيان Prose Style چون ٿا. Style ڇا آهي؟ ڪنهن ڳالهه کي ان جي شدت ۽ رنگ ۾ بيان ڪرڻ هڪ يقيني، قطعي يگانو طريقو Style آهي(13)، جيڪو هاڻي عام ٿيندو ٿو وڃي. اڳاٽي زماني ۾ اسلوب جو اهو مفهوم موجود نه هو، پر ان جي بدران ٻيا لفظ ڪم آڻبا هئا، جهڙوڪ: طرز، روش، انداز بيان، طرز ادا، طريق ادا، گفتار جو پيرايو يا نمونو وغيره. ايران جي جديد فارسي ٻوليءَ ۾ ان کي ”سبُڪ“ چيو ويندو آهي.(14)

حقيقت ۾ اسلوب يا طرز کي ڪجهه جُزن جي گڏجڻ سان وجود ملي ٿو: 1.زبان جو مخصوص مزاج يا لهجو، 2. انسان جي شخصي زبان جو انداز، 3. شخصيت 5.مجاز.(15)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### 1. زبان جو مخصوص مزاج يا لهجو:

هر ڪنهن زبان جو مزاج، فطرت يا لهجو مخصوص ٿئي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو سنڌي زبان جو مزاج ٻين سڀني زبانن کان ڌار ۽ انوکو آهي. بلڪل ايئن، جيئن انگريزي زبان جو مزاج چيني زبان جي مزاج کان بلڪل ڌار آهي. ساڳئيءَ طرح فرينچ ۽ ترڪي زبانن کي پنهنجو پنهنجو مزاج حاصل آهي. ساڳئيءَ طرح فارسي زبان جو مزاج مجموعي طور عربي زبان جي مزاج کان ڌار آهي. مطلب ته دنيا جون ڪي ٻه ٻه زبانون هڪ جهڙو مزاج ڪونه ٿيون رکن. لهجي جي لحاظ کان فارسي زبان ۾ لطافت ۽ مٺاج گهڻو آهي، عربي زبان وري فصاحت ۽ بلاغت ڪري مشهور آهي، جرمن زبان ۾ گنڀيرتا ۽ سنجيدگي ملي ٿي، پشتو زبان جو لهجو ڪرخت ۽ تلخ لڳندو آهي. پنجابي سُريلي ۽ پانئين ويندي آهي، هندي زبان ۾ لچڪ ۽ ڪشش آهي ۽ سنڌي زبان جي لهجي ۾ وري نرمي ۽ نهٺائي، پيار ۽ پاڀوهه گهڻو محسوس ٿئي ٿو. هر زبان جي مزاج ۽ لهجي جو مخصوص رنگ، لکت تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ اسلوب کي جوڙڻ ۽ ٺاهڻ ۾ ٿورو يا گهڻو ڀاڱي ڀائيوار ضرور آهي، حقيقت ۾ زبان جي ذاتي خصوصيت ئي ان جو اصلي جوهر آهي.

### 2. شخصي زبان جو انداز:

جيڪو ليکڪ لفظن جي قوت ڄاڻي ٿو، ته کين ڄڻ ته ڪاميابيءَ جي ڪنجي حاصل آهي.(زبان) ٻوليءَ جو پنهنجو هڪ جادو آهي، جيئن هڪ چترڪار وٽ رنگ آهن، جن مان چترن ۾ ويچار چٽي ٿو، تيئن اديب اکرن جا رنگ چٽي ويچارن جا چتر ٺاهي ٿو ۽ پنهنجي خيالي دنيا جا عڪس پسائي ٿو. اکرن ۾ معنيٰ آهي، اکرن ۾ موسيقي آهي ۽ اکرن ۾ سرنتا ۽ رواني آهي، جا خيالن سان هم آهنگي ۽ هم سازگي پيدا ڪري ٿي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اهڙو سندر جوڙ پيدا ٿئي ٿو جو ڪلا جو انوکو درشن پسائي ٿو. ان کان سواءِ خيالن ۽ ٻوليءَ جي پاڻ ۾ رغبت آهي، تڏهن ئي ته خيال صرف انهيءَ ٻوليءَ ۾ بيحد پيارا لڳندا آهن، جنهن ۾ اهي سندرتا سان پويا وڃن، انهن جا پاڻ ۾ ڄڻ روحاني ناتا ٻڌجي پوندا آهن.(16) خيالن ۾ لفظن جو جيسين پاڻ ۾ ربط نه هوندو تيستائين ڪلام جا ٻه جدا اثر، جي عقل ۽ ٻڌڻ تي پوڻ گهرجن، سي هڪ گڏيل تاثر پيدا ڪرڻ بدران هڪٻئي جي ابتڙ ۽ مختلف اثر پيدا ڪندا. انهيءَ ڪري لکت جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تاجي پيٽي ۾ معنائن، لفظن ۽ لفظن جي آوازن جو هڪ خاص انداز هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مضمون ۾ هڪ خاص انداز پڙهندڙ جي معيار مطابق قائم رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان کان سواءِ وري وري ساڳيا لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. (17)

مضمون نويس ادب جي هن (مضمون) صنف ۾ ئي پنهنجي خيالن ۽ احساسن کي هڪ عنوان ڏئي ٿو، ان جو مڪمل تت سهڻن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو، انهن جي ڪامل لفظن ۾ هن جو مقصد سمايل هجي ٿو. مضمون نويس مضمون کي ننڍين ننڍين فقرن ۾ ورهائي هر هڪ جُزي ۾ هڪڙو ئي خيال ظاهر ڪري ٿو. فقري جو پهريون جملو اهڙو هئڻ گهرجي، جنهن جي پڙهڻ سان سموري فقري جي معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد سمجهه ۾ اچي. ان فقري جو واضح هئڻ يا ان جي وڌيڪ وضاحت لاءِ فقري جا باقي جملا استعمال ڪري، ائين ڪرڻ سان هن جو مضمون موتين جي مالها ٿي پوندو، جنهن ۾ هر موتي جدا نظر ايندو ۽ ان سان گڏ هڪ ئي لڙهيءَ ۾ هلڻ سبب رونقدار لڳندو.(18) هڪ انگريز مضمون نويس "ريڊ" پڻ وڏن وڏن فقرن جي ڀيٽ ۾ ننڍين ننڍين فقرن جي لکڻ جو مشورو ڏنو آهي. هن جو چوڻ آهي ته، وڏن فقرن ۾ وقفه جو مسئلو ڪافي مونجهاري جو سبب بنجي ٿو، انڪري قابليت ۽ صلاحيت ان ۾ آهي ته مصنف ننڍا ننڍا فقرا جوڙي، ان ۾ ئي ان جي طرز نگاريءَ جي خوبصورتي موجود آهي.(19)

### 3. شخصيت:

اسلوب مصنف جي شخصيت جو عڪس آهي، جو لفظن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اسلوب مصنف جي ذهني ۽ جذباتي تجربي جو خارجي روپ آهي، جنهن ۾ مصنف جي باطني نفس جي پوري تصوير ظاهر ٿي وڃي ٿي ۽ مصنف جا تجربا لفظن جي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا. هي لفظ انهن تجربن ۾ ائين جذب ٿين ٿا، جيئن شراب ۾ مستي، گل ۾ رنگ ۽ خوشبو. اسلوب لڪت جي ڪنهن هڪ صنف جو نالو نه آهي، بلڪ مصنف جي پوري ذات جو مڪمل عڪس ۽ اپياس آهي.(20) ان ڪان سواءِ جن پهلوئن کي پيش ڪرڻ مقصد نه آهي، تن کان ائين پاسو ڪري، جو پڙهندڙ کي خبر ئي نه پوي. ڪنهن به ڳالهه جي تفصيل ۽ ڊيگهه پڙهندڙ کي ڪڪ ڪري ڇڏي ٿي، مضمون نويس کي گهرجي ته فقط اشارا ۽ ذهني موقعا پيش ڪري، جن جي لفظن ۾ ايتري طاقت هوندي آهي، جو ٿوري اشاري ۾ دماغ جي پردي تي سوين واقعا ۽ تصويرون پيدا ڪري

ڇڏي ٿي. حقيقت ۾ مضمون نويس جڏهن ويچارن کي جمع ڪري، ان کي ڪوئي موضوع ڏئي هڪ خاڪو جوڙي ٿو ته هو پنهنجي تيز فهميءَ ڪري پنهنجي معلومات جي خزاني مان جيڪي خيال اوتي ٿو، سي موضوع جي خاڪي پرڻ ۾ استعمال ڪري ٿو. مطلب ته هو پنهنجي دماغ جي دٻليءَ مان لڪل جواهر ڪڍي پڙهندڙن جي سامهون آڻي ٿو. مفهوم ادا ڪرڻ لاءِ درست، وقت مطابق ۽ قطعي لفظ گهربل ٿيندا آهن، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪپي. لفظن جي قوت، مقصد ۽ فائدو لفظن ۾ نه بلڪ انهن جي استعمال ۾ آهي.

### 4. مجاز:

اسلوب سراسر مجاز مان جڙي ٿو، انسان جي بطن مان اسلوب جو خمير تيار ٿئي ٿو ۽ زبان وسيلي لفظن جي ذريعي هڪ قطعي شڪل وٺي ظاهر ٿئي ٿو. مجاز اهو طريقو آهي، جنهن ۾ اديب مضمون وسيلي لفظن ۽ زبان جو موزون استعمال ڪندو آهي، پنهنجي اندر جي ڪيفيتن، امنگن ۽ تاثرات کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ رمزن تي به پاڙڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح شخصيت ۽ مجاز جي ربط ۽ ضبط وسيلي اسلوب جي جوڙجڪ ٿئي ٿي ۽ اهو لفظن ۽ زبان جي ويس ۾ هڪ واضح صورت اختيار ڪري بيهي ٿو.(21) ڪنهن به مصنف جا ڪيترا به ڪٽي بلند ۽ اعليٰ خيال هجن، ڪيترو به سندس جذبات ۾ جوش ۽ فڪر ۾ تيزي ۽ تخيل ۾ تازگي هجي، تڏهن به هن کي داد حاصل ڪرڻ لاءِ حسن بيان يا ادائگيءَ طرف مڪمل ڌيان ڏيڻو پوندو. ڪيس لکڻ جي اهڙي طرز هئڻ گهرجي، جو پڙهندڙن جي دل ۾ اهي ساڳيا جذبا جاڳائي جيڪي لکڻ وقت سندس دل جي درياءَ ۾ موجزن هجن. هر هڪ انسان کي لکڻ جو پنهنجو پنهنجو طرز بيان آهي، ڪڏهن ڪڏهن لکڻ جي نموني مان سمجهي وجبو آهي ته هيءَ فلاڻي جي لکڻي آهي ۽ ٻيو ڪو به هن طرز تي لکي نه سگهندو. اها لکت سجاڻ ڪا عجب ڳالهه نه آهي، سندس چونڊ لفظن جي نزاڪت، اصطلاحن ۽ محاورن جي عمدگي، جملن جي بيهڪ ۽ ميناج پڙهندڙن جي دل ۾ هن جي طرز جو عجيب نقش اُڪريو ڇڏين.(22) اسلوب ۾ تشبيهون اهم حيثيت رکن ٿيون. علامتن جا ٽي قسم آهن: روايتي، ذاتي ۽ آفاقي. روايتي علامتن ۾ ديو، پريون ائين پيش ڪيون ويندڻيون آهن، جو اهي ان ڳالهه جو حصو بنجي وڃن ٿيون. ذاتي علامتن کي فنڪار خود ٺي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سمجهي سگهي ٿو ۽ آفاقي علامتن ۾ اهي علامتون جيڪي سمجهه کان پري نہ هجن ۽ هميشہ زنده رهڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن.(23) اسلوب کي بهتر بڻائڻ ۾ تمثيل بہ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. تمثيلي واقعو لکڻ لاءِ ڪو بيانيہ بنياد هئڻ ضروري آهي، جڏهن ڪوئي واقعو ظاهري طور لڳاتار ڪنهن ٻئي جي مشابهہ تصوير يا ڍانچي طرف مسلسل نمايان طور تي اشارو ڪري تہ، اسان ان کي تمثيل چوندا آهيون، پوءِ ڪٿي اهي تاريخي واقعا هجن، اخلاقي يا فلسفيانہ يا قدرت جا منظر هجن، فرضي ڪهاڻيون ۽ فرضي قصا اهڙي قسم جا آهن جيڪي تمثيل جي ويجهو آهن. مضمون نگار مضمون کي پنهنجي ماحول واري ٻوليءَ ۾ سهڻي انداز، صاف دلي ۽ سچائيءَ سان سلسليوار ۽ تسلسل سان بيان ڪري ٿو، جيڪو پڙهندڙن کي خوشي، سڪون ۽ فرحت بخشي ٿو. هونئن بہ مضمون جو دارومدار گهڻو ٻوليءَ کي سمجهڻ تي ٿئي ٿو. ٻولي سادي ۽ سهڻي سمجهه واري هوندي تہ ان جا مول مقصد بہ سمجهه ۾ ايندا، انڪري ٻوليءَ تي بہ خاص طرح سان ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ اها سادي ۽ ڏيهي هئڻ گهرجي.(24) مولانا حاليءَ جي خيال مطابق: ”خيال ڪهڙو بہ بلند يا دقيق هجي، پر منجهيل ۽ ناهموار نہ هجي، جيترو ممڪن ٿي سگهي تہ لفظ محاورن ۽ روزمره جي زبان جي ويجهو هجن.“(25) محمد اسماعيل عرساڻي پنهنجا خيال ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ، ”مضمون ۾ ٻولي گهڻو ڪري روزمره واري استعمال ٿيندڙ ڪتب آڻبي آهي جا مائيدار ۽ وڻندڙ هوندي آهي. ڪنهن بہ اديب جي زبانداني، رنگين بياني ۽ ٻوليءَ تي دسترس جو انداز سندس مضمون مان چڱيءَ طرح لڳائي سگهجي ٿو.(26) مضمون ڀلي اعليٰ درجي جو ڇو نہ هجي، پر جيڪڏهن ترتيب وار رکيل نہ هوندو تہ پکڙيل موتين جيان اڻ وڻندڙ لڳندو. ان لاءِ لازمي آهي تہ مضمون نويس کي مضمون ۾ جيڪي خيال ظاهر ڪرڻا هجن، انهن کي جدا جدا پيراگرافن ۾ ورهائي ۽ هر هڪ پيراگراف ۾ ننڍا ننڍا، پر مڪمل جملا هئڻ گهرجن، خيالن جو سلسلو قائم رکڻ لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اهي جملا زنجير جي ڪڙين جيان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن.(27) ان سان گڏوگڏ حسن ترتيب ۽ انتظام بہ اسلوب جو هڪ وڏو حصو آهي. خيال يا واقعي کي اهڙن موزون لفظن ۾ ادا ڪيو وڃي، جو بيان صاف ۽ سمجهڻ سولو هجي. ترتيب جو حسن اهڙو سهڻو دلڪش ۽ دلفريب هئڻ گهرجي، جو ميناج ۽ اثرائتو هئڻ ڪري پڙهندڙ جي دل ۾ چاهہ ۽ دلچسپي پيدا ڪري ۽ ان تي جادو وارو اثر ڪري، فصاحت ۽ بلاغت ڪري لکت ۾ اها رعنائي پيدا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪري، جو پڙهندڙ جي دل نہ چوي، تہ ڪتاب پوري ٿيڻ ڪان اڳي اٿي ڪو ٻيو ڪم ڪري.(28) هميشہ مضمون ۾ ٻولي فطري ۽ سليس اختيار ڪرڻ گهرجي. اهو خيال ڪرڻ تہ ڏکي ٻولي ۽ انوکو اسلوب بيان اختيار ڪرڻ، شهرت جوسبب آهي يا روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ جاهلن جي ٻوليءَ ۾ ادبي ڪتاب لکڻ مقبوليت جو ذريعو آهي، تہ اها سخت غلطي آهي. حقيقت ۾ هر هڪ موضوع ۾ هر هڪ بحث لاءِ هڪ خاص ٻولي ۽ طرز بيان جي ئي ضرورت ٿئي ٿي، زبان جو بهترين اسلوب هي آهي تہ ان جو صرف حسن بيان ئي قائم نہ رهي، بلڪ ان ۾ ترقي ڪري، حسن خيال ڪي، حسن بيان جي جان بڻائجي. اهو ئي اسلوب بهترين اسلوب تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ رنگينين جي گهٽائي ۽ گوناگونيون پڙهندڙن کي ڪثرت سان خوشي ۽ حيرت جي سمنڊ ۾ وجهي ڇڏن، ڪو جملو ڊگهو هجي تہ ڪو بلڪل ننڍو، ڪنهن ۾ استعارو هجي تہ ڪنهن ۾ تشبيهہ، ڪڏهن فصاحت جلوا ڏيکاري تہ ڪٿي فطرت جهلڪندي نظر اچي، مطلب تہ تحرير هڪ طوفان خيز سمنڊ هجي، جنهن جي موجن تي لاهن چاڙهن جي پوري ڪيفيت طاري هجي، جنهن جي سطح ڪجهہ اهڙن عجيب و غريب شين جو پينگهو بڻيل هجي، جو ان جون دلچسپيون، ڪناري کي حيرت ۾ نہ صرف وجهي ڇڏين، پر هن ڳالهہ تي مجبور ڪن تہ اهي پڻ سمنڊ جي اونهائيءَ ۾ غواصن وانگر ٽوٻا هڻي قيمتي موتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.(29) مضمون جنهن بہ موضوع تي لکجي تہ ان کي صحيح ترتيب سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪجي، ان لاءِ پوري ڪوجنا هئڻ گهرجي، ائين نہ ٿئي، جيئن اڪثر ٿيندو آهي تہ شروعات ڪنهن هڪ خيال سان ڪجي ۽ قلم ٽپا ڏيندو ڪٿي جو ڪٿي پهچي وڃي. مضمون جي چنڊڇاڻ ٿئي، ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي مضمون جا پهلو کلندا وڃن ۽ هڪ ٻئي پٺيان منطقي انداز ۾ ويچار ظاهر ٿين ۽ جڏهن لکٽي چوٽيءَ تي پهچي تہ ائين لڳي جڻ ليکڪ واقعي پنهنجي موضوع سان پوريءَ ريت نڀايو آهي ۽ ڳالهہ کي ائين کولي بيان ڪيو آهي، جو ان کان وڌيڪ جي گنجائش يا امڪان نہ رهيو آهي.(30)

پروفيسر وقار عظيم جي خيال مطابق: حسن بيان سادگيءَ واري صورت ۾ هجي توڙي رنگينيءَ ۾ يا ان تي استعاري جو پردو پيل هجي يا ڪنائي جو، ان جو ظهور ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن لکڻ وارو چئي وڃڻ واري ڳالهہ کي، ڳالهہ چوڻ واري اسلوب ۾ صحيح نموني قائم رکي. اهو ڏانءُ فقط خداداد نہ ٿو ٿئي، پر ان جي پالنا خون

جگر سان ڪئي وڃي ٿي.(31) مطلب تہ حسن بيان يا بيان جي حسناڪي سادگيءَ واري صورت ۾ هجي يا رنگينيءَ ۾ پوءِ پلي ان تي استعاري جو پردو پيل هجي يا ڪنائي جي چادر چڙهيل هجي، تڏهن بہ ان جو اظهار ان مهل ٿيندو آهي، جڏهن لکندڙ پنهنجي نڪتي ۽ اسلوب توڙي ڏانءَ سان هم آهنگي پيدا ڪري سگهي، جنهن کي رڳو فرد جي خداداد صلاحيتن سان تعبير ڪري سگهجي ٿو، پر جگر جي خون سان ان جي آبياري ممڪن ٿي سگهي ٿي.

شمس الدين عرساڻي صاحب جي ويچار مطابق: ”عام طرح جيئن ڳالهايو وڃي ٿو، بلڪل اهڙيءَ طرح جيڪڏهن لکيو بہ وڃي تہ اسلوب ۾ ڪاميابي حاصل ٿي نہ سگهندي، پر ڪجهہ اصولن کي ڌيان ۾ رکي انهن تي عمل ڪري، اسلوب کي ڪامياب ۽ وڻندڙ بنائي سگهجي ٿو.(32) اسلوب ڪنهن ۾ آهي يا اسلوب ڪنهن جو آهي، جڏهن اسلوب جي مڪمل جوڙجڪ ٿي وڃي ٿي، تڏهن اهو مصنف جي شخصيت جو هڪ حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ اهو واضح ٿي سامهون اچي ٿو. موضوع پلي توهان کي پسند نہ هجي، اسلوب تہ بس اهو ئي آهي تہ توهان جي دلچسپي، توهان جي علمي صلاحيت، توهان جو اخلاق ۽ سيرت، اهو سڀ ڪجهہ توهان جي قلم مان نڪري پون ٿا ۽ ڪاغذ جي صفحي تي توهان جتي چاهيو ڄمي سگهو ٿا.(33) مطلب تہ ڪنهن بہ ڪلام يا بيان جو خاص ۽ مؤثر نالو ”اسلوب“ آهي. ”اسلوب“ جو بنياد زبان تي آهي، جيڪو اهڙو معاشرتي اوزار آهي، جنهنجي ذريعي اسان ويچارن جي ڏي وٺ ڪندا آهيون ۽ ٻين کي متاثر ڪندا آهيون، اظهار جون ٽي صورتون آهن: عام ٻولي، ادبي ٻولي ۽ تخليقي ٻولي.(34)

انگريز مفڪر چارلس بيلي ساڳئي ڳالهہ ڪندي لکي ٿو تہ، ”اسلوب زبان جو اپياس آهي، جيڪي اسان ڳالهايون ٿا، نہ تہ اهو منطق جي زير اثر آهي ۽ نہ فن جي، ان جي سامهون نہ فلسفياڻو منطقي ضابطو آهي ۽ نہ ادبي. عام صورتحال ۾ عام ماڻهوءَ جي اظهار ۽ بيان ۽ ڪنهن شاعر، ناول نگار يا مقرر جي اظهار بيان ۾ هڪ فرق هوندو آهي. اديب لاءِ صورتحال بلڪل مختلف هوندي آهي، هو پوري آزاديءَ سان زبان جو منفرد استعمال ڪندو آهي. ٻي سڀ کان اهم ڳالهہ تہ هو زبان جو استعال فني تنظيم سان ڪندو آهي، هو لفظن جي ذريعي ۽ موسيقي جي ترنم جي ذريعي فن جو اظهار ڪندو آهي.(35)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”اسلوب“ اظهار جو اهو طريقو آهي، جو فنڪار پنهنجي ڳالھ نهايت اثرائتي نموني ادا ڪري تہ جيئن پڙهندڙ حظ حاصل ڪري، انهيءَ لحاظ کان اسلوب جا ٽي عنصر مقرر ڪيا ويا آهن.

1. اظهار جو طريقيڪار (Technique of Expression): پيرايہ بيانيہ يعني خيال ۽ فڪر کي پيش ڪرڻ جو اهو ڍنگ (طريقو) جيڪو ڪنهن ملڪ ۾ (رائج مروج هجي).
2. انفرادي طريقيڪار (Individuality Technique): هي خصوصيتون هر شخص جي بيان کي ڪولي ٻين کان ممتاز ڪن ٿيون.
3. قطعاً ۽ انفرادي طريقہ ڪار (Absoluteness and Uniqueness of Style): بيان جا اهي عظيم الشان پهلو جن بابت (قطعي) (انفرادي) امتياز قائم ٿئي ٿو، يعني اهڙيون خصوصيتون جن جو جواب ناممڪن آهي.

”اسلوب“ جا اهي خارجي مظاهر هي آهن: ٻولي، گرامر جي پابندي، ترتيب جو حسن وغيره ۽ جڏهن تہ داخلي پهلو هن ريت آهن: مصنف جو ذهن، سندس ڪردار، مزاج، علم، رجحان، طبع بيان وغيره. ان کان سواءِ ٻوليءَ ۾ لفظن جي چونڊ، ترتيب جو هڪ خاص ڍنگ بہ خالص داخلي محرڪ جو نتيجو ٿيندو. انهن خصوصيتن مان اسان هرهڪ جي لکڻي سڃاڻي سگهون ٿا.(36)

تميز، تقابل، تعلق ۽ تعمق جون جيڪي قوتون لکندڙ جي فطرت ۾ امانت رکيل آهن، سي ظاهري شين سان گڏوگڏ سندس اٿڻي ويهڻي، رسم رواج ۽ تاريخ تي ان جو فيصلو عقلمندي، طبيعت جي تيزي، تيز فهمي، ظرافت ۽ سنجيدگيءَ جي جلوهہ گري، مطلب تہ اهي انيڪ ۽ لڳاتار تخليق، جا هن جي غير معمولي صناعي جي احسانمند آهي ۽ هڪ انوکي ۽ مخصوص ٻوليءَ جي ذريعي ظاهر ٿئي ٿي.(37) جيئن ڪمري جي روشندانن ۾جيڪڏهن ڌار ڌار رنگ جا شيشا لڳايا وڃن تہ ڪمري ۾ روشني هر شيشي مان مختلف نظر ايندي، جيتوڻيڪ سج جا ڪرڻا سڀني شيشن تي هڪجهڙا پوندا ۽ هر شيشو پنهنجو ڌار ڌار رنگ منعڪس ڪندو. اهڙيءَ طرح هر مضمون نويس جو مضمون بہ پنهنجي ذاتيات ۽ خاص تجليءَ جي اثر کان مختلف روشني ڏيندو.(38) ساڳئيءَ طرح هر هڪ ليکڪ جو ”اسلوب“ بہ ڌار ڌار پنهنجي سڃاڻپ پيو ڪرائيندو تہ اها لکڻي ڪنهن جي آهي. جهڙيءَ طرح شاعر جي شعر مان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سندس شخصيت ليئا پائيندي نظر اچي ٿي، ساڳئي طرح مضمون نگار جي تجربن، نظرين، عقيدن ۽ جذبات جي عڪاسي ٿئي ۽ سندس اسلوب عمدو ۽ تاثر ڇڏيندڙ هجي. بهترين مضمون نويس اهو آهي، جنهن جي لکڻيءَ ۾ فڪر ۽ گهرائي ۽ خيالن ۾ پاڪيزگي هجي، سندس لکت فلسفيانہ رنگ ڍنگ ۾ رتل هئڻ گهرجي.(39)

## نتيجا:

اسلوب جي لغوي معنيٰ ۽ مفڪرن جي راين سميت پيرائتي بحث ڪرڻ ڪانپوءِ، ان مان اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ مضمون کي لکڻ کان پهرين پنهنجي خيالن جي جوڙجڪ کي صحيح ترتيب ڏيڻ گهرجي. اديب جي اندر جي آنڌمانڌ ٻاهر اچڻ چاهي ٿي تہ اها ڳالهہ ٻين تائين پهچي ۽ اهڙي انداز سان پهچي جيتري ان ڳالهہ ۾ صداقت آهي يا ان ۾ اثر آهي. ان جي ٻاهر اچڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ ۽ انهن تي اهو ئي اثر ڏيکارڻ، جيڪو مضمون نويس جو مقصد آهي تہ ان لاءِ اديب کي بيان ڪرڻ جو ڍنگ اچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ انداز بيان ئي هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن سان پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا. ان انداز بيان کي ئي اسلوب چئجي ٿو. اسلوب اختيار ڪرڻ ڪو سولو ڪم نہ آهي، پر ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڀياس، جاکوڙ ۽ تجربي جي ضرورت آهي. اسلوب جي ذريعي مضمون نويس هر ڳالهہ کي ٻين تائين مؤثر انداز ۾ پهچائي سگهي ٿو. جيترو اسلوب اثرائتو هوندو، اوترو ئي ان جا مقصد گهٽي کان گهٽا حاصل ٿيندا. مضمون نويس جو اسلوب ئي ان جي ذات، فطرت، طبيعت، سيرت ۽ شخصيت آهي. اسلوب ڪيترو ئي شخصي ڇو نہ هجي ۽ ان جا قسم بيشمار ڇو نہ هجن، پر اظهار جا جيڪي اصول مقرر ٿيل آهن، تن کان ٿورو بہ پري هٽڻ ممڪن ناهي. جيئن رهڻ لاءِ بہ گهر اڏيا وڃن، پر اهي اڏاوت جي لحاظ کان هڪٻئي کان ڪيترو بہ مختلف ڇو نہ هجن، پر انهن ۾ جيڪا هڪجهڙائي آهي، اها آهي تہ اهي ٻئي رهڻ جي لاءِ آهن."

ساڳئي طرح مضمون کهڙي بہ قسم جو هجي، پر ادب ۾ ان جو اسلوب جو طريقو ساڳيو هوندو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**اسلوب جي باري ۾ مختلف مفڪرن جا رايا:**

1. اسلوب ڪنهن شيءِ جي هجڻ جو ڍنگ آهي. (هنري موريري)
2. اسلوب تخليق جو اهم، عظيم ۽ متحرڪ اصول آهي، جنهن جي ذريعي فنڪار پنهنجي موضوع جي گهرائيءَ ۾ وڃي، ان موضوع جو جائزو وٺي ٿو. (گيٽي)
3. اسلوب سان زبان ۾ معجزي جو امتزاج پيدا ٿئي ٿو ۽ اسلوب ۾ ڳالهه چوڻ جو ڍنگ به شامل آهي.(ارسطو)
4. اسلوب اهو ذريعو آهي، جنهن جي بنياد تي ماڻهو هڪٻئي سان تعلق پيدا ڪندا آهن، ادبي اسلوب اهو ذريعو آهي، جنهن سان هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کي متحرڪ ڪري ٿو. (لوڪس)
5. اسلوب فقرن جي باهمي تنظيم سان پيدا ٿيل (Inter Sentence) انفراديت آهي. (اسپورٽا ۽ هل)
6. حسن ڪلامي جي شناخت جنهن صفت سان ممڪن هجي، اهو اسلوب آهي.(مري)
7. جڏهن فڪر کي شڪل ڏني ويندي آهي ته اسلوب جنم وٺندو آهي. (افلاطون)
8. اسلوب دماغ جو خارجي تصور آهي.(شوپنهار)
9. اسلوب فڪر جو لباس آهي. (جيسٽر فيلڊ)
10. اسلوب جي ذريعي سوچڻ آهي.(نيومن)
11. اسلوب ٽيڪنڪ جو مسئلو نه پر نظر جو مسئلو آهي. (پراؤسٽ)
12. شخص ئي اسلوب آهي.(بفن)
13. اسلوب فڪر ۽ ان جي اظهار ڪرڻ واري زبان تي پنهنجو اثر وجهڻ واري شيءِ جو نالو آهي.(چارلس بيلي)
14. لساني ذريعن سان ڪنهن قاريءَ ۾ موجود اثر ئي اسلوب آهي. (شيلڊر)
15. اسلوب جي معنيٰ آهي فني اظهار ۾ انفراديت جي موجودگي.(يٿرن)
16. هر شخص کي پنهنجي طرز هوندي آهي.(ڊاڪٽر جانسن)
17. مصنف جي طرز ان کي ايتري پنهنجي هوندي آهي، جيئن آڱر جي

چاپ. (براؤن)

18. مناسب جاءِ تي مناسب لفظن جي استعمال کي اسلوب چئجي ٿو. (سوئفٽ)

19. جيڪڏهن تاثر سون آهي ته اسلوب مُهر آهي، جيڪا ان کي رائج ڪرڻ جي قابل بنائيندي آهي ۽ ٻڌائيندي آهي ته ڪهڙي بادشاهه ان کي جاري ڪيو آهي.(ڊاڪٽر جي. براؤن)

20. اسلوب بنيادي طرح هڪ شخصي صفت آهي.(هيڊسن)

## حوالا


1. طارق سعيد، "اسلوب ۽ اسلوبيات"، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 167.
2. اردو هندي ڊڪشنري، انجمن ترقي اردو (هند)،نئي دلي، 1996ع، ص: 33.
3. F. Steingass, A Comprehensive Person, English Dictionary, Oriental Book, "Reprint Corporations, First Indian Edition 1973.
4. F. Steingass, A Dearners Arabic English Dictionary, Asian Publishers 1978.
5. "فيروز الغات"، فيروز سنز لمٽيڊ، لاهور، ص: 6 64. "مختصر اردو لغات: "ترقي اردو بيورونئي دلي، 1987ع، ص: 31.
6. صديقي ابوالاعجاز حفيظ، "ڪشاف تنقيدي اصلاحات"، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 1985ع، ص: 13.
7. بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر، "جامع سنڌي لغات"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ، 1995ع.
8. نوراللغات.
9. طارق سعيد، "اسلوب اور اسلوبيات"، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 164.
10. ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 1993ع، ص: 189.
11. عرساڻي، شمس الدين، "اسلوب"، رسالو ماهوار نئين زندگي، جولاءِ، 1967ع، ص: 41.
12. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، "ادب ۽ تنقيد"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص: 52.
13. ايضاً، ص: 52.
14. عرساڻي، شمس الدين، "اسلوب"، رسالو ماهوار نئين زندگي، جولاءِ، 1967ع، ص: 42.
15. ٻاٻاڻي، ڪيرت، "چونڊ سنڌي مضمون"، ساهتيه اڪيڊمي، نئي دهلي، 1986ع، ص: 27.
16. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، "ادب ۽ تنقيد"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص: 150.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

17. شاهواڻي، غلام محمد، ”ادبي اصول ڀاڱو 1“ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، 1956ع، ص: 8.
18. طارق سعيد، ”اسلوب اور اسلوبيات“، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 308.
19. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ”ادب ۽ تنقيد“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص: 54.
20. عرساڻي، شمس الدين، ”اسلوب“، رسالو ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1967ع، ص: 42.
21. شاهواڻي، غلام محمد، ”ادبي اصول ڀاڱو 1“ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، 1956ع، ص: 16.
22. طارق سعيد، ”اسلوب اور اسلوبيات“، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 246.
23. ايضاً، ص: 246.
24. صديقي ابوالاعجاز حفيظ، ”ڪشاف تنقيدي اصلاحات“، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 1985ع، ص: 96.
25. عرساڻي، محمد اسماعيل ”چار مقالا“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع، ص: 85-86.
26. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ”ادب ۽ تنقيد“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص: 48.
27. شاهواڻي، غلام محمد، ”ادبي اصول ڀاڱو 1“ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، 1956ع، ص: 19.
28. طارق سعيد، ”اسلوب اور اسلوبيات“، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 153.
29. ٻاٻاڻي، ڪيرت، ”چونڊ سنڌي مضمون“ ساهتيه اڪيڊمي نئي دلي، 1986ع، ص: 26-27.
30. صديقي ابوالاعجاز حفيظ، ”ڪشاف تنقيدي اصلاحات“، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 1985ع، ص: 69.
31. عرساڻي، شمس الدين، ”اسلوب“، رسالو ماهوار نئين زندگي، جولاءِ 1967ع، ص: 42.
32. طارق سعيد، ”اسلوب اور اسلوبيات“، ميان چيمبرز 3 ٽيمپل روڊ، لاهور، 1988ع، ص: 178.
33. ايضاً، ص: 250.
34. ايضاً، ص: 253.
35. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ”ادب ۽ تنقيد“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص: 53.
36. ايضاً، ص: 152.
37. ايضاً، ص: 155.
38. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ”مضمون“، اخبار تعليم ماهه نومبر، ڊسمبر، سال 1985ع، ص: 26.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair